# الْمَدد یاغوثِ اعظم رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ

**04-January-2018**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# المدد يا غوثِ اعظم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

## دُرُود شريف جي فضيلت

**حضرت سَيِدُنا عبدُالعزيز دَبّاغ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي دُرودِ پاڪ پڙهڻ سڀني عملن کان اَفضل آهي، هي اُن ملائڪن جو ذِڪر آهي، جيڪي جنت جي چوڌاري رهندا آهن ۽ جڏهن هو نبيِ ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ ذات تي دُرودِ پاڪ**

پڙهندا آهن تہ ان جي بَرَڪت سان جنّت ڪشاده ٿي ويندي آهي.
(الابريز، الباب الحادي عشر في الجنة،باب في زيادة الجنة...الخ، ۳۳۸/۲)

جائیں نہ جب تک غُلامِ خُلد ہے سب پر حرام
ملک تو ہے آپ کا تم پہ کروڑوں دُرُود
(حدائقِ بخشش،ص۲۶۹)

مختصر وضاحت: يعني اي مالڪ جنت پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو ڇا شان آهي جو جيستائين اوهان جي اُمّت جنّت ۾ نہ ويندي ان وقت تائين ڪو بہ جنّت ۾ داخل نہ ٿي سگهندو، جنّت تہ اوهان جي ملڪيت آهي تہ پوءِ اوهان جي اجازت جي بغير ڪير داخل ٿي سگهي ٿو .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي .
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي بين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب!

اُذْكُرُوااللّٰه ، تُوبُوا اِلَي اللّٰه! وغيره بڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## المدد يا غوثِ اعظم

بغداد جو هڪ عالمِ دِين جمعي نماز ڪان پوءِ پنهنجي شاگردن سان گڏ فاتحه خواني جي لاءِ قبرستان ويو ته اتي هڪ ڪارو نانگ ڏنو ته انهن ان کي ماري وڌو. ڪجهه دير ڪان بعد مٽي ۾ دُز اُڏامي ۽ هو پنهنجي شاگردن جي نگاهن ڪان غائب ٿي ويو. پنهنجي استاد صاحب جي اوچتو گم ٿيڻ تي سيئي شاگرد گهڻو حيران ۽ پريشان ويئل هئا. ڪجهه دير ڪان پوءِ ڏٺائون ته اُستادِ محترم اعليٰ قسم جو لباس پائي اچي رهيا آهن. جڏهن انهن ڪان مُعاملو پڇيو ويو ته فرمائڻ لڳا: مون کي جنّات کڻي هڪ ٻيٽ (Island) ۾ وٺي ويا ۽ مون کي دريا ۾ غوطو ڏيڻ ڪان بعد پنهنجي بادشاه جي اڳيان حاضر ڪيائون. مون ڏٺو ته جنن جو بادشاه هٿ ۾ اُگهاڙي تلوار کڻي تخت تي ويٺل آهي ۽ ان جي اڳيان هڪ نوجوان جو لاش رکيل آهي جنهن مان رت وهي رهيو هو. جنن جي بادشاه منهنجي باري ۾ پڇيو ته ان کي ٻڌايو ويو ته هي شخص ئي ته ان جو قاتل آهي. اهو ٻڌندي ئي بادشاه غضبناڪ ٿي چوڻ لڳو ته ان تنهنجو ڪو نُقصان ناهي ڪيو پوءِ به تون ان کي ناحق قتل ڪري ڇڏيو؟ مون چيو: ان نوجوان کي مون قتل ناهي ڪيو، اوهان جا خادم مون تي اِلزام هڻي رهيا آهن. خادمن چيو ته ان جي قاتل هئڻ جو ثبوت هي آهي ته ان شخص جي لٺ رت سان ڀريل آهي. مون چيو ته هي رت ته هڪ نانگ جو آهي جنهن کي مون

ماريو هو. بادشاه چيائين جنهن نانگ کي تو ماريو هو اهو منهنجو ئي پٽ هو. بادشاه قاضي کي چيو هي شخص قتل جو اقرار ڪري چڪو آهي، تنهنڪري ان جي قتل جو حڪم ڏيو. اهو ٻڌندي ئي قاضي بہ منهنجي قتل جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. هاڻي جنّات جو بادشاه تلوار کڻي مون تي وار ڪرڻ ئي وارو هو تہ مون دل ئي ۾ محبوبِ سبحاني حضرت سَيدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي مدد جي لاءِ پڪاريو تہ انهيءَ وقت هڪ نوراني چهري وارو شخص ظاهر ٿيو ۽ بادشاه کي چوڻ لڳو: هن عالمِ دِين کي قتل نہ ڪريو هي سلطانُ الاولياء حضرت سَيدُنا غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مريد آهي جيڪڏهن غوثِ پاڪ ان جي قتل جي باري ۾ تو کان پڇي ورتو تہ ڪهڙو جواب ڏيندين؟ جنّات جي بادشاه سرڪار غوثِ پاڪ جو نالو ٻڌندي ئي تلوار رکي ڇڏي ۽ مون کي چيائين تہ جيڪا عزّت ۽ تعظيم غوثِ اعظم جي منهنجي دل ۾ آهي ان جي خاطر مون تنهنجو قصور معاف (Forgive) ڪيو ۽ هاڻي تون هن مقتول جو جنازو پڙهائي ۽ ان جي مغفرت جي لاءِ دعا ڪر. ان کان پوءِ مون کي خلعت (بادشاه وٽان مليل لباس) پارائي جنن سان گڏ رخصت ڪري ڇڏيو. (تفريح الخاطر،١٠٣)

تھرتھراتے ہیں سبھی جنّات تیرے نام سے
ہے ترا وہ دبدبہ یا غوثِ اعظم دست گیر
(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص٥٤٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ منهنجا آقا، غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انسانن سان گڏو گڏ جنّات جا بہ مُرشِد آهن يعني پاڻ سَيدُالثَّقَلَين آهن، ثقلين جي معنٰي آهي انسان ۽ جنّات . جيئن اسان جي آقا مديني واري

مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ لقب رسولُ الثقلين آهي يعني پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنّات ۽ انسانن جا رسول، تہ اهڙي طرح غوثِ پاڪ بہ جنّات ۽ انسانن جا پير ۽ مرشد آهن ۽ انهن تي بہ سندن حڪومت ۽ سلطنت جاري آهي. اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي غوثِ پاڪ جو شان ۽ عظمت تمام بلند آهي پاڻ پنهنجي چاهيندڙن جي مشڪل حل ڪندا آهن، ڪو حاجت طلب ڪري تہ ان جي حاجت پوري ڪندا آهن. ڪو مدد جي لاءِ پُڪاري ۽ سچي دل سان فرياد ڪري تہ ان جي مدد بہ فرمائيندا آهن. اچو! انهيءَ ضمن ۾ هڪ نهايت ئي پياري حڪايت ٻڌون ٿا، جيئن تہ

هڪ شخص جنهن جي پيءُ جو انتقال ٿي چڪو هو، ان حضور سَيِدُنا غوثُ الاعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: "گذريل رات، خواب ۾ مون پنهنجي والد کي عذاب ۾ مبتلا ڏٺو تہ منهنجي والدِ مرحوم مون کي چيو تہ ”مون کي عذابِ قبر ۾ مبتلا ڪيو ويو آهي، تون سيّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني جي بارگاه ۾ حاضر ٿي منهنجي لاءِ بخشش جي دعا جي درخواست ڪراءِ. غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پڇيائون تہ ”ڇا توهان جا والد ڪڏهن منهنجي مدرسي جي اڳيان گذريا هئا؟“ ان شخص جواب ڏنو: ”جي ها.“ اهو ٻڌي پاڻ خاموشي اختيار فرمائي، پوءِ اهو شخص پنهنجي گهر هليو ويو.رات جو ان پنهنجي والد کي خواب ۾ گهڻو خوش ۽ سڪون ۾ڏٺو، انهن سبز لباس پائي رکيو هوءِ فرمائي رهيا هئا تہ ”غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهجي دعا سان اللّٰهعَزَّوَجَلَّ منهنجو عذاب ختم ڪري ڇڏيوآهيءِ انهيءَ جي فيض سان مون کي اهو لباس پارايو ويو آهي، تنهنڪري مان تو کي هدايت ڪيان ٿو تہ سندن خدمت ۾حاضري پاڻ تي لازم ڪري ڇڏ.“ان شخص اهو واقعو غوثِ اعظمرَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاه ۾ پيش ڪيوتہ پاڻ فرمايائون تہ”خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون سان اهو وعدو ڪيو ويو آهي تہ جيڪو بہ منهنجي مدرسي وٽان لنگهي تہ ان جي عذاب ۾ڪمي ڪئي ويندي. (بهجة الاسرار،باب ذکر فضل اصحابه و بشراهم ،ص۱۹۴)

مل گیا مجھ کو غوث کا دامن، فضلِ ربِّ کریم سے روشن
مری تقدیر کا ستارہ ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
غوث رَنج و اَلَم مِٹاتے ہیں، اُس کو سینے سے بھی لگاتے ہیں
آ گیا جو بھی غم کا مارا ہے واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص 577،578)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪهڙا مشڪل ڪشا ۽ حاجت روا هئا جو هڪ غمگين شخص جي فرياد تي ان جي مرحوم پيءُ جي لاءِ عذابِ قبر کان نجات جي دعا ڪئي ته ان کي عذاب مان رهائي ملي وئي. هن حڪايت مان معلوم ٿيو ته بُزرگن جي بارگاهه ۾ حاضري رحمت نازل ٿيڻ جو سبب هوندي آهي. اسان تي جڏهن ڪا پريشاني اچي ته دنيا جي مالدارن ۽ بادشاهن جي در تي مٿو جهڪائڻ، هٿ ڏگهيڙڻ جي بدران الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيڻ گهرجي. انهن کان پنهنجي پريشانين جي حل جون دُعائون ڪرائڻ گهرجن ۽ وقت بوقت انهن جي صحبتِ بابرڪت مان به فائدو ڪٽڻ گهرجي، اهو اسان جي دنيا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ بيحد مفيد ثابت ٿيندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ. جيئن ته اسان جي آقا ۽ موليٰ، پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن جي ترغيب ڏياريندي ارشاد فرمائن ٿا: ڇا مان توهان جي ان شيء جي اصل تي رَهنُمائي نه ڪريان جنهن سان توهان دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ماڻي وٺو (اها اصل شيء هي آهي ته) توهان ذِڪر وارن جي مجلس اختيار ڪريو ۽ جڏهن توهان تنهائي ۾ هجو ته جيستائين ٿي سگهي پنهنجي زبان الله ڪريم جي ذِڪر ۾ چورينده رهو، ان جي راهه ۾ مَحبّت ڪريو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهه ۾ عَداوَت ڪريو. (شعب الايمان، باب في مقاربة ...الخ، فصل في المصافحة...الخ، الحديث ۹۰۲۴،ج۶، ص۴۹۲)

مفتي احمد يارخان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیۡه هن حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا : هن مان مراد عُلَماءِ دِين، اولِياءِ ڪاملين، صالحين ۽ وَاصِلِين جون مجلسون آهن ڇوته اهي مجلسون جنّت جا باغ آهن جيئن ته پي حديث شريف ۾ آهي اهي مجلسون چاهي مدرسا هجن يا درسِ قرآن ۽ حديث جون مجلسون يا حضراتِ صوفياءِ ڪرام جي ذِڪر جون محفلون، اهو فرمان نهايت جامع آهي، جنهن مجلس ۾ الله (عَزَّوَجَلَّ) جو خوف، حضور (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جو عشق ۽ اطاعَتِ رسول جو شوق پيدا ٿئي اها مجلس اِڪسير (نهايت فائدي مند) آهي. (مرآة المناجيح، ۶۰۳/۶)

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آ کے پا مدنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت اِنۡ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سَدا مدنی ماحول
(وسائلِ بخشش ،ص ۶۴۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جي نيڪ ٻانهن جي صحبت جا ڪيئي فائدا (Benefits) آهن. مثلاً ❋انهن جي سيرت ۽ ڪردار ۽ چڱا عمل ڏسي گناهن کان بچڻ جو ذهن ٺهجندو آهي.❋ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت سبب نيڪيون ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي. ❋ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت سان دل جي سختي ختم ٿيندي آهي. ❋الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت دل ۾ نرمي پيدا ڪندي آهي،❋الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت سان سٺيون عادتون پيدا ٿينديون آهن ۽ ❋ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت سان بُريون خصلتون پري ٿينديون آهن.❋الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي صحبت سان ايمان تي خاتمو ۽ فڪرِ آخرت نصيب ٿيندي آهي. پر جڏهن به اها سعادت نصيب ٿئي ته ڪنهن دُنياوي غرض سان نه وجون بلڪ دِيني نفعو حاصل ڪرڻ جي نيت سان وڃڻ گهرجي ڇوته ان جي سٺي صحبت جون وڏيون برڪتون آهن ۽ بُري صحبت جا ڪيئي نقصان (Harm) آهن مثلاً ❋ بُري صحبت جا اثر فوراً ۽ تباهه ڪن هوندا آهن،❋ بُري صحبت نيڪ سيرت ۽ سادڙي

انسان کي هيناهين جي ڪائي ۾ ڏکي ڇڏيندي آهي، ❁ بُري صحبت بُرائين ۾ اضافي ۽ مُعاشري جي بگاڙ جو سبب بڻجندي آهي، ❁ بُري صحبت ڪڏهن ته ايمان جي لاءِ زهرِ قاتل به ثابت ٿيندي آهي. تنهنڪري اسان کي ڪنهن جي صحبت ۾ اُٿڻ ويهڻ کان اڳ ۾ سٺي نموني سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي ته ان جي صحبت منهنجي لاءِ مفيد ثابت ٿيندي يا دنيا ۽ آخرت جي لاءِ نقصان ده ٿيندي، جيئن ته

اميرالمومنين حضرت سَيدُنا مولا علي مشڪل ڪشا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الْكرِيم فرمائن ٿا: فاجر (سر عام گناهه ڪرڻ واري) سان ياڻپي نه ڪريو ڇوته هو پنهنجي (بُري) فعل کي توهان جي لاءِ سنواري سينگاري پيش ڪندو ۽ اهو چاهيندو ته توهان به ان جهڙا ٿي وڃو ۽ پنهنجي بدترين خَصلَت کي چڱو ڪري ڏيکاريندو، توهان وٽ ان جو اچڻ وڃڻ عيب ۽ شرم جو سبب آهي ۽ ڀاڳل سان به ياڻپي نه ڪريو ڇوته هو پنهنجو پاڻ کي مشقت۾وجهندو۽ توهان کي ڪجهه نفعو نه پهچائيندو ۽ ڪڏهن اهو ٿي سگهي ٿو ته توهان کي نفعو پهچائڻ چاهيندو پر نقصان پهچائي ڇڏيندو، ان جي خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي، ان جي دُوري ويجهڙائپ کان بهتر آهي ۽ (ان جو) موت زندگي کان بهتر.

ڪوڙي شخص سان به ياڻپي نه ڪريو ڇوته ان سان مُعاشرت (ملي جُلي رهڻ) توهان کي نفعو نه ڏيندو، توهان جي ڳالهه بين تائين پهچائيندو ۽ بين جي توهان وٽ ۽ جيڪڏهن توهان سچ (Truth) ڳالهائيندو، تڏهن به هو سچ نه ڳالهيندو. (تاريخ ابن عساكر،۴۲/۵۱۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سٺي صُحبت بهرحال سٺي هوندي آهي ۽ بُري صحبت يقيناً بُري، چڱي صحبت ڪامياب ۽ ڪامران ڪندي آهي ۽ بُري صحبت بانهي کي برباد ڪندي آهي ته ان ڪري چڱي صحبت اختيار ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول عاشقانِ رسول جي صحبت فراهم ڪري ٿو،

ان کي مضبوطي سان پڪڙي هنن عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر اختيار ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان اهي رحمتون ملنديون جو مرڻ کان بعد شايد حسرت ٿيندي ته ڪاش! منهنجي سڄي زندگي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ گذري ها. ڪاش! مان هر مهيني گهٽ مان گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ سفر کي معمول بڻايان ها، ڪاش! عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ منهنجي سڄي زِندگي سڪڻ سيکارڻ ۾ ئي گذري وڃي ها. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي چڱي صحبت اپنائڻ ۽ بُري صحبت کان پري رهڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
علم حاصل کرو جہل زائل کرو　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو
سُنّتیں سیکھنے تین دن کیلئے　　ہر مہینے چلیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

بعض مشائخ روايت ڪن ٿا ته اسان حضرت سَيدُناشيخ عبدالقادر رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مدرسي ۾ وينل هئاسين ته پاڻ اٿي پنهنجي ڪاٺيءَ (Wooden) جون چپلون پاتيون ۽ وضو ڪري ٻه رڪعت نفل ادا ڪرڻ لڳا، نماز کان بعد بلند آواز ۾ نعرو لڳايو ۽ پنهنجي هڪ چپل پڪڙي هوا ۾ اڇلائي جيڪا اسان جي نگاهن کان غائب ٿي وئي، پوءِ ٻيو نعرو لڳايائون ۽ ٻي چپل به اڇلائي اها به ڏسندي ئي ڏسندي غائب ٿي وئي پوءِ پاڻ پنهنجي جڳهه تي ويهي رهيا. اسان مان ڪنهن کي حقيقتِ حال معلوم ڪرڻ جي جرئت نه ٿي. 23 ڏينهن گذرڻ کان بعد هڪ قافلو بغداد شريف پهتو ته ان قافلي جو امير چوڻ لڳو، اسان وٽ

حضرت غوثُ الاعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي لاءِ تحفو آهي ماڻهن سندن کي ٻڌايو ته پاڻ فرمايائون، اهو کڻي اچو. قافلي وارن اسان کي هڪ مڻ ريشمي ڪپڙو، گهڻو سون ۽ اهي ٻه ڪاٺي جون چپلون ٻه پيش ڪيون، جيڪي هڪ مهينو اڳ ۾ پاڻ هوا ۾ اڇلايون هيون، اسان جي پڇڻ تي انهن ٻڌايو ته اسان 3 صفر المظفر بروز آچر هڪ جهنگ ۾ سفر ڪري رهيا هئاسين ته اوچتو ڌاڙيلن اسان تي حملو ڪري ورتو، انهن جا ٻه 2 سردار هئا، اهي اسان جو مال، سامان ڦري کڻي ويا ۽ ڪجھ مسافرن کي ماري ٻه وڌائون ۽ قافلو ڦرڻ کان بعد قريب ئي هڪ وادي (Valley) ۾ مال پاڻ ۾ ورهائڻ لڳا. اسان پڪاري چيو ته جيڪڏهن هن وقت شيخ عبدُالقادر رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اسان جي مدد ڪن ته اسان ايترو تحفو سندن خدمت ۾ پيش ڪنداسين. انهيءَ دوران اسان کي وادي ۾ اهڙا نعرا ٻڌڻ ۾ آيا جو جنهن سان سڄي وادي گُونجڻ لڳي ۽ اهي ڌاڙيل دهشت زده ٿي ويا اسان جو خيال هو ته ڌاڙيلن تي شايد ٻين ڌاڙيلن حملو ڪيو آهي پر ڪجھ ئي دير کان بعد ڪي ڌاڙيل ڊڪندي اسان وٽ آيا ۽ چوڻ لڳا پنهنجو مال واپس کڻو ۽ اتي هلي ڏسو اسان تي ڇا گذري آهي. اسان اتي پهتاسين ته ڏٺوسين ته ٻئي سردار مري چڪا آهن ۽ ٻنهي وٽ پُسيل هڪ هڪ چپل پئي آهي، اسان جو مال ۽ سامان موٽائيندي چوڻ لڳا ته هن واقعي ۾ ڪا عظيمُ الشَّان خبر آهي. (بهجة الاسرار فصول من كلامه مر صعابشيئ من عجائب احواله مصطفي البابي مصر، ص۱۳۲)

ہمارا بھی بیڑا لگا دو کنارے تمہیں نا خدائی ملی غوثِ اعظم
تباہی سے ناؤ ہماری بچادو ہوائے مخالف چلی غوثِ اعظم
فدا تم پہ ہوجائے نُوریِ مُضطر یہ ہے اس کی خواہش دِلی غوثِ اعظم

(سامانِ بخشش،صفحہ۱۰۸)

www.dawateislami.net

اللّٰه کی رحمت غوثِ پاک ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک
ہیں صاحبِ عزّت غوثِ پاک دریائے کرامت غوثِ پاک
♣ مرحبا یا غوثِ پاک ♣ مرحبا یا غوثِ پاک ♣ مرحبا یا غوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو ته جيڪڏهن اسان ڪنهن مشڪل ۾ ڦاسي وڃون، پري پري تائين بظاهر ڪو مددگار به نظر نه اچي ته اهڙي حالت ۾ پنهنجي پيرومرشد حضرت سَيدُنا شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪي حاجت رَوائي جي لاءِ پُڪارڻ گهرجي ته ”ياغوثِ پاڪ منهنجي مدد ڪريو“ ته الله پاڪ جي رحمت مان اُميد آهي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي پريشان حال مريد جي مُشڪل ڪشائي جي لاءِ تشريف ڪٹي ايندا ۽ اهڙي مشڪل وقت ۾ بزرگن ڪي مدد جي لاءِ پڪارڻ جي ته حديثِ پاڪ ۾ به ترغيب موجود آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مان ڪنهن جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي يا رستو وسري وڃي ۽ مدد چاهي ۽ اهڙي جاءِ هجي جتي ڪو همدم (يعني يارو مددگار) ناهي ته ان ڪي کپي ته ائين پڪاري: يَاعِبَادَاللهِ اَغِيثُوْنِي، يَاعِبَادَاللهِ اَغِيثُوْنِي اي الله عَزَّوَجَلَّ جا ٻانهو! منهنجي مدد ڪريو، اي الله جا ٻانهو! منهنجي مدد ڪريو. ته الله پاڪ جا ڪجهه ٻانها آهن جن ڪي هي ناهي ڏسندو.

(المُعجَم الكبِير ج١٧ /١١٧، حديث:٢٩٠)

اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو مصيبت ۾ مون کان فرياد ڪري يا مون ڪي پڪاري ته مان ان جي مصيبت ڪي پري ڪندس ۽ جيڪو منهنجي وسيلي سان الله ڪريم کان پنهنجي حاجت طلب ڪندو ته ربّ ڪريم ان جي حاجت ڪي پورو ڪندو. (بهجة الاسرار،ذكرفضل اصحابه وبشراهم، ص١٩٧)

www.dawateislami.net

## غَيرُاللّٰه کان مدد گھرڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! اسان کي مشڪلن کان نجات ڏيڻ واري رَبّ جي ذات کان علاوه ڪنهن غير کان مدد گھرڻ بلڪل جائز عمل آهي، شريعت ۾ هن جي ڪٿي به ممانعت موجود نه آهي بلڪ اللّٰه پاڪ جي علاوه ٻين کان مدد گھرڻ جو ثبوت موجود آهي جڏهن ته عقيدو اهو هئڻ گھرجي ته اللّٰه ڪريم جا نبي سڳورا عَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی ان جي عطا سان مدد ڪن ٿا. جيڪي ماڻهو هن طرح جون ڳالهيون ڪن ٿا ته صرف ربّ ڪريم ئي کان مدد گھرڻ گھرجي، انبياءِ ڪرامعَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام کان مدد نه گھرڻ گھرجي، هي انهن تي شيطاني وار هوندو آهي، اهڙيون ڳالهيون ڪندڙ ڪڏهن ڪڏهن انبياءِ ڪرامعَلَيهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ عِظام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام جي توهِين به ڪري ويهندا آهن ۽ توهِينِ انبياء جي سبب سڌو ڪفر ۾ وڃي پوندا آهن. هن وسوسي (Suspicion) جي ڪاٽ جي لاءِ اها ڳالهه ذهن ۾ ويهاريو ته حقيقتاً مدد ڪرڻ صرف اللّٰه پاڪ جي ذاتِ پاڪ سان ئي خاص آهي. ان جي عطا جي بغير ڪو ذرّو به فائدو نٿو ڏئي سگھي، ها ان جي عطا سان ان جا مُقرَّب ٻانها يا ٻيا جاندار ۽ بي جان شيون ”نفعي ۽ نقصان“ جون مالڪ ٿي سگھن ٿيون جيئن ته سيپارو 1 سُوْرَۃُ الْبَقَرَہآيت نمبر 45 ۾ ربّ ڪريم جو ارشاد آهي:

وَاسْتَعِيْنُوْا بِالصَّبْرِ وَالصَّلٰوۃِ ؕ

ترجَمو ڪنزالايمان: ۽ صبر ۽ نماز کان مدد وٺو.
(پ 1 البقرۃ 45)

ٿورو غور ڪريو! تمام مخلوق کي پيدا ڪرڻ وارو رَبّ خود حڪم فرمائي رهيو آهي ته صبر ۽ نماز کان مدد گھرو. هاڻي جيڪڏهن اللّٰه ڪريم جي علاوه مدد گھرڻ ناجائز هجي ها ته اللّٰه پاڪ اهو حڪم چو اِرشاد فرمائي ها ته صبر ۽ نماز کان مدد گھرو! جوته صبر ۽ نماز خدا نه آهن بلڪ غيرِ خدا

www.dawateislami.net

آهن. اهڙي طرح سيپارو 5 سُوْرَةُ النِّسَاء جي آيت نمبر 64 ۾ ارشاد آهي:

وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيْمًا ﴿۶۴﴾ (پ 5 النساء 64)

**ترجموكنزالايمان**: ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبهہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

اِمامِ اَهلسنّت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن آيت جي تحت اِرشاد فرمائن ٿا: ڇا الله پاڪ (پنهنجي محبوب جي اُمَّت جي گناهن کي) پنهنجو پاڻ نٿو بخشي سگهي. پوءِ اهو ڇو فرمايو تہ اي نبي! تون وٽ حاضر ٿين ۽ تُون الله (پاڪ) کان انهن جي بخشش چاهين تہ هي دولت ۽ نعمت ماڻيندا. (ربّ ڪريم جو گناهگارن کي دِرِ مُصطفٰي تي حاضري جو حڪم ڏيڻ ۽ اتي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجو سفارشي بڻائڻ اهو بہ غَيرُالله کان مدد گهرڻ آهي ۽) اهو ئي اسان جو مطلب آهي. جيڪو قرآن جي آيت صاف فرمائي رهي آهي. (فتاويٰ رضويه: ۳۰۵/۲۱)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي علاوه ٻين کان مدد گهرڻ بلڪل جائز آهي بلڪ هي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سُنَّت آهي ايستائين جو الله پاڪ بہ پنهنجي ٻانهن کان مدد گهري آهي، جڏهن تہ هو قادرِ مطلق آهي، هرگز هرگز ڪنهن جو محتاج ناهي، اچو! ٻڌو تہ الله ڪريم پنهنجن ٻانهن کان ڪن لفظن ۾ دين اسلام جي مدد جو حڪم فرمائي رهيو آهي، جيئن سيپارو 26 سوره محمد آيت نمبر 7 ۾ ارشاد آهي:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنْ تَنْصُرُوا اللّٰهَ يَنْصُرْكُمْ وَيُثَبِّتْ اَقْدَامَكُمْ ﴿۷﴾

**ترجمو ڪنزالايمان**: اي ايمان وارؤ! جيڪڏهن توهان الله جي دين جي مدد ڪندؤ تہ الله توهان جي مدد ڪندو. ۽ الله توهان جا قدم ڄمائيندو.

غور ڪريو! ڇا الله پاڪ پنهنجي دِين کي پکيڙڻ تي قادر نہ آهي؟ يقيناً قادر آهي پر ان جي مشيت آهي تہ ٻانهن کي فرمائي رهيو آهي تہ توهان جيڪڏهن دينِ خدا جي مدد ڪندو تہ الله توهان جي مدد ڪندو. ياد رهي تہ الله پاڪ غني ۽ بي نياز آهي، ان کي نہ ٻانهن جي مدد جي حاجت آهي ۽ نہ ئي هو پنهنجي دِين جي ترويج ۽ اِشاعت (Propagation) ۾ ان کي غالب ڪرڻ ۾ ٻانهن جي مدد جو محتاج آهي، ايستائين جو ٻانهن کي الله پاڪ جي دِين جي مدد ڪرڻ جو فرمايو ويو هي دراصل انهن جي پنهنجي ئي فائدي جي لاءِ آهي هن صورت ۾ انهن کي الله ڪريم جي مدد حاصل ٿيندي ۽ الله پاڪ جي طرفان انهن کي ثابت قدمي نصيب ٿيندي. (صراط الجنان ، ۹/۲۹۹،بتغير قليل)

اهڙي طرح انبياءِ ڪرام بہ الله پاڪ جي علاوه ٻين کان مدد گهري آهي جيئن تہ حضرت سَيدُنا عيسيٰ رُوحُ الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي حوارين کان مدد طلب فرمائي، جيئن سيپاري 28، سُوْرَةُ الصَّف، آيت 14 ۾ ارشاد آهي:

قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ لِلۡحَوَارِيّٖنَ مَنۡ اَنۡصَارِىۡۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ الۡحَوَارِيُّوۡنَ نَحۡنُ اَنۡصَارُ اللّٰهِ. (پ 28، الصف 14)

ترجموڪنزالايمان: عيسيٰ بن مريم حوارين کي چيو هو، ڪير آهن جيڪي الله جي طرف جا تي ڪري منهنجي مدد ڪن؟ حوارين چيو اسان خدا جي دين جا مددگار آهيون.

حضرتِ سيِّدُنا مُوسيٰ ڪَليم الله عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي جڏهن تبليغ جي لاءِ فرعون وٽ وڃڻ جو حڪم ٿيو تہ پاڻ ڀانهي جي مدد حاصل ڪرڻ جي لاءِ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيو، جيئن سيپارو 16سوره طٰهٰ، آيت نمبر 29 تا 31 ۾ ارشاد آهي:

وَاجْعَلْ لِّیْ وَزِیْرًا مِّنْ اَهْلِیْ ﴿۲۹﴾ هٰرُوْنَ اَخِی ﴿۳۰﴾ اشْدُدْ بِهٖۤ اَزْرِیْ ﴿۳۱﴾ (پ 16، طٰه 29 تا 31)

ترجموڪنزالايمان: ۽ منهنجي واسطي منهنجي گهروارن مان هڪڙو وزير ڪر يعني منهنجو ڀاءُ هارون، ان سان منهنجي ڇيلهه مضبوط ڪر.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً هنن آيتن سڳورين کي ٻڌي ان شيطاني وسوسي جي ضرور ڪاٽ ٿي وئي هوندي ڇوته انبياءِ ڪرام به الله ڪريم جي علاوه ٻين کان مدد گهري آهي، جيڪڏهن مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ الله پاڪ جي سِوا ڪنهن کان مدد گهرڻ شرڪ هجي ها ته انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ڪيئن گهرن ها؟ اسان جي بُزرگانِ دِين جو به اهو عقيدو (Belief) هو ته جڏهن ڪنهن پريشاني، آفت، مصيبت، تڪليف ۾ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کي مدد جي لاءِ پڪاريو وڃي ته هو الله جي عطا ڪيل قُوت سان مدد فرمائيندا آهن، اهو ئي سبب هو ته هي ماڻهو مشڪل وقت ۾ "*يا غوث المدد*" چئي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي پڪاريندا ته انهن جي مشڪل حل ٿي ويندي هئي، اچو! هن باري ۾ هڪ حڪايت ٻڌون،

## المدد ياغوث اعظم

حضرت بِشر قَرَظِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بيان آهي ته مان کنڊ سان سَٽيل ڇوڏهن اُٺن سميت هڪ تجارتي قافلي سان گڏ هئس، اسان هڪ رات خوفناڪ جهنگ ۾ ترسياسين. رات جي شروعاتي حصي ۾ منهنجا چار سٽيل اُٺ گم ٿي ويا ، جيڪي ڳهڻي ڳولڻ جي باوجود ڪونه مليا، قافلو به روانو ٿي ويو، ڏنار (يعني اُٺن کي هڪلڻ وارو) مون سان گڏ ترسي پيو. صبح جي وقت مون کي اوچتو ياد آيو ته منهنجي مرشد، سرڪارِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ مون کي فرمايو هو: جڏهن به توهان ڪنهن مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃو ته مون کي پڪارجو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اها مصيبت ٽري ويندي،

تنهنڪري مون هيئن فرياد ڪيو: ياشيخ عبدالقادر! منهنجا اُٺ (Camels) گم ٿي ويا آهن. اوچتو ئي اوپرندي پاسي ڏڙي تي مون کي سفيد لباس ۾ مَلبوس هڪ بزرگ نظر آيا جيڪي اشاري سان مون کي پنهنجي طرف سڏي رهيا هئا، مان پنهنجي ڏنار کي ساڻ ڪري جيئن ئي اتي پهتس ته اهي بزرگ نگاهن کان غائب ٿي ويا،اسان هيڏانهن هوڏانهن حيرت سان ڏسي ئي رهيا هئاسين ته اوچتو اهي چار ئي گم ٿيل اُٺ ڏڙي جي هيٺيان وينل نظر آيا، بس پوءِ ڇا ٿيو جو! اسان انهن کي فورًا پڪڙي ورتو ۽ پنهنجي قافلي سان وڃي ملياسين. (بَهجَةُ الاسرار، ص١٩٦)

کیوں نہ جاؤں میں غوث پرواری، آفتیں دُور ہو گئیں ساری
جب تڑپ کر انہیں پکارا ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
(وسائل بخشش مرمم،ص٥٧٨)

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ ولِيُون پہ حڪومت غوثِ پاڪ
شهبازِ خطابت غوثِ پاڪ فانوسِ هدايت غوثِ پاڪ
♣ مرحبا يا غوثِ پاڪ ♣ مرحبا يا غوثِ پاڪ ♣ مرحبا يا غوثِ پاڪ

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني درس“

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي عقيدي جي حفاظت، فڪرِ آخرت، گناهن کان نفرت ۽ نيڪين جي رغبت جو ذهن ٺاهڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي 12 مدني ڪمن ۾ خُوب حصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”مدني درس“ بہ آهي، جيڪو عِلمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو نهايت موثر ذريعو آهي. ✤ مدني درس نهايت ئي پيارو مدني

ڪم آهي چوته هن جي برڪت سان مسجد جي حاضري جي سعادت ملندي آهي. ✤ مدني درس جي برڪت سان مطالعي جو به موقعو ملندو آهي.✤مدني درس جي برڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ سلام جي سُنّت عام ٿيندي آهي. ✤ مدني درس جي برڪت سان اميرِ اهلسنّت جي مختلف موضوعن تي مشتمل ڪتابن ۽ رسالن مان علمِ دِين سان مالامال قِيمتي مدني گل اُمّتِ مسلمه تائين پهچائي سگهجن ٿا. ✤ مدني درس، بي نمازين کي نمازي بنائڻ ۾ نهايت مددگار آهي. ✤ مسجد جي علاوه چوڪ، بازار، دُڪان وغيره ۾ جيڪڏهن "مدني درس" ٿيندو ته ان جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي اتي به تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي .

دُعائے عطار: ياربِّ محمّد عَزَّوَجَلَّ ۽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! جيڪو اسلامي ڀاءُ يا اسلامي ڀيڻ روزانو 2 درس ڏين يا ٻڌن انهن کي ۽ مون کي بي حساب بخش ۽ اسان کي اسان جي مَدَني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڙي ۾ گڏ رک .

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

جو دے روز دو درسِ فيضانِ سنّت
ميں ديتا ہوں اس کو دُعائے مدينہ

اچو! عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ مدني درس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا، جيئن ته

## اسڪول ۾ مدني درس ڏيڻ جي برڪت

مدينةُ الاولياء (ملتان) جي رهائشي اسلامي ڀاءُ مدني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان اڳ ۾ پنهنجي زندگي جون قيمتي گهڙيون فضوليات ۾ برباد ڪري رهيو هو، جنهن جو ان کي ٿورو به احساس نه هو، دِيني معلومات کان اڻ

واقف، ڪرڪيٽ جو شيدائي ۽ ڳائڻ وڄائڻ ۽ فلمن، ڊرامن جو جنون جي حد تائين شوقين هو. نامحرم عورتن سان ميلاپ ان وٽ ڪا شرم جي ڳالھ نہ هئي، ان جي زندگي ۾ هيئن تبديلي آئي جو خوش قسمتي سان ان کي اسڪول ۾ ڪجھ اهڙن دوستن جي صحبت ملي جيڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هئا، سبزسبز عمامي شريف جو تاج سجائي سفيد لباس ۾ ملبوس اهي نهايت سنا لڳندا هئا، پنهنجي ڪلاس ۾ درس ڏيڻ ۽ درس کان بعد وڏي محبت سان ملاقات ڪري انفرادي ڪوشش جي ذريعي نيڪي جي دعوت ڏيڻ انهن جو روزانو معمول هو، انهن اسلامي ڀائر جي اخلاق ۽ ڪردار سان هو بيحد متاثر ٿيو، ميٽرڪ جو امتحان ڏيڻ کان بعد ان کي بہ درس ڏيڻ جو شوق ٿيو ۽ ان درس ڏيڻ شروع ڪيو. آهستہ آهستہ شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا رسالا پڙهڻ جو معمول بڻجي ويو جنهن جي برڪت سان دل جي دنيا بدلجي وئي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نگاهون جهُڪائي آهستہ آواز سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻجي وئي، مٿي تي سبز سبز عمامو شريف سجائي سنّتن کي خوب خوب عام ڪرڻ لڳو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شان ۽ عظمت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين تہ پاڻ کي مشڪل وقت ۾ يا غوث،يا غوث المدد، ياشيخ عبدالقادر وغيره الفاظ سان مدد جي لاءِ پڪاريو وڃي تہ پاڻ مدد فرمائيندا آهن ۽ اهڙي طرح اولياءِ ڪرام کي پري کان سڏڻ بلڪل جائز آهي ڇوتہ هي الله پاڪ جا مُقرَّب ٻانها ان جي عطا ڪيل اختيار (Authority) سان ماڻهن جي نہ صرف فرياد ٻڌن ٿا بلڪ انهن جي مدد جي لاءِ اچن بہ ٿا جيئن منهجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عرض ڪيو ويو تہ حضرت سَيدنا اَحمدزَرّوق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ

فرمايو آهي تہ جڏهن ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچي تہ يا زروق چئي ڪري ندا ڪري مان فوراً ان جي مدد ڪندس. تہ پاڻ جواب ۾ ارشاد فرمايائون مون ڪڏهن ان قسم جي مدد طلب نہ ڪئي. جڏهن بہ مون استعانت (يعني مدد طلب ڪئي) يا غوث رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ئي چيو. ”يڪ دَر گيرُ مُحڪم گِير“ (هڪ ئي در پڪڙيو پر مضبوط پڪڙيو) (ملفوظاتِ اعلي حضرت حصه سوم، ص ۴۰۰)

معلوم ٿيو تہ اسان جي بُزرگن جو اهو طريقو هو تہ پريشاني جي وقت پري هجن يا ويجهو پنهنجي پير ۽ مرشد کي سڏيندا هئا. ياد رکو! پري کان ڪنهن جي فرياد کي ٻڌڻ ۽ اتي جي حالات کان باخبر ٿيڻ ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي جيڪي ٻانهي جي لاءِ ناممڪن هجي هي سڀ اللّٰہ پاڪ جي عطا سان يقيناً ممڪن بلڪ ثابت بہ آهي جيئن تہ

حضرت سيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ”نهاوند“ جي زمين تي جهاد ۾ مصروف هئا تہ هڪ ڏينهن حضرت سيِّدُنا عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ مسجد نبوي شريف جو منبر تي خطبو پڙهندي اوچتو ارشاد فرمايو: ”يَاسَارِيَةُ الْجَبَل يعني اي ساريہ! جبل ڏانهن پُٺ ڪريو“ مسجد ۾ وينل ماڻهو حيران ٿي ويا تہ حضرت سيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ”نهاوند“ ۾ آهن ۽ مديني منور کان سوين ميل پري آهن، اڄ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ان کي ڪيئن پڪاريو؟ پر نهاوند کان قاصد آيو تہ ميدان جنگ ۾ بدبخت ڪافرن سان مقابلي دوران جڏهن اسان کي شڪست جا آثار نظر اچڻ لڳا ايتري ۾ آواز آيو: ”يَاسَارِيَةُ الجَبَل يعني اي ساريہ! جبل ڏانهن پُٺ ڪريو.“ حضرت سيِّدُنا ساريہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايو: هي تہ اَمِيرُ الْمُؤمِنِين جو آواز آهي ۽ پوءِ هڪدم پنهنجي لشڪر کي جبل ڏانهن پُٺ ڪري صف بندي جو حڪم ڏنائون ان کان پوءِ اسان ڪافرن تي زبردست ڪاهہ ڪيو تہ يڪدم جنگ جو پاسو پلٽجي ويو ۽ ٿوري دير ۾ اسلامي لشڪر بدبخت ڪافرن جي

فوج کي چيپاٽي ڇڏيو ۽ اسلامي لشکر جي زبردست حملن کي برداشت نہ کندي کافرن جو لشکر ميدان جنگ مان ڀڄڻ لڳو ۽ اسلامي لشکر فتح جو جهنڊو بلند کيو. (تاريخ الخلفاء، ص٩٩)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان واضح ٿي ويو تہ پري کان ڪنهن کي مُلاحظ ڪرڻ يا پري جي آواز کي ٻڌڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان بلڪل ممڪن آهي. هن سائنسي ترقي جي دؤر ۾ هن ڳالهہ کي سمجهڻ هونءَ بہ مشڪل نہ آهي تہ اڄ اسان جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ويهي نہ صرف ڪنهن سان ڳالهہ ڪري سگهون ٿا بلڪ ڏسي بہ سگهون ٿا، مثال طور اوهان بغداد شريف جي ڪنهن اسلامي ڀاءُ جو فون نمبر ملايو، فون تي هو اوهان سان هڪ سائنسي ڪنڪشن جي ذريعي ڳالهہ ڪندو، تہ جڏهن ايتري ڊگهي مسافت جي باوجود فون جي ذريعي هڪ ٻي جو آواز ٻڌي سگهجي ٿو، ويڊيو ڪالز (Video Calls) جي ذريعي هڪ ٻي کي ڏسي بہ سگهجي ٿو تہ جيڪي الله ڪريم جا ولي آهن، جن جي باري ۾ حديثِ پاڪ ۾ اهو ارشاد موجود آهي تہ ٻانهو نفل جي ذريعي منهنجو قُرب حاصل ڪندو رهي ٿو ايستائين جو مان ان کي پنهنجو مقبول ٻانهو بڻائي ڇڏيندو آهيان، تہ پوءِ مان ان جا هٿ بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو پڪڙيندو آهي ۽ ان جا ڪن بڻجي ويندو آهيان جنهن ذريعي هو ٻڌندو آهي، مان ان جون اکيون بڻجي ويندو آهيان جنهن سان اهو ڏسندو آهي، مان ان جي زبان بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو ڳالهيندو آهي، مان ان جا پير بڻجي ويندو آهيان جنهن سان هو هلندو آهي. (صحيح البخاري، كتاب الرقاق،باب التواضع،۴/۲۴۸،الحديث: ۶۵۰۲) يعني الله پاڪ انهن کي تمام گهڻي طاقت عطا ڪندو آهي تہ هو پري وارن کي ڏسي وٺندا آهن ۽ انهن جو فرياد بہ ٻڌي وٺندا آهن، ڏلين ڪان آر پار نظر ڪندا آهن، جڏهن انهن کي پري کان ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي طاقت حاصل ٿيندي آهي ۽ انهن جي هلڻ ۾، انهن جي

پڪڙڻ ۾ الله پاڪ جي عطا سان تمام گهڻي قوت ايندي آهي ته پوءِ اهي نيڪ ماڻهو مدد به فرمائيندا آهن ۽ پنهنجي پڪارڻ واري جي حاجت روائي به ڪندا آهن ته پوءِ ڪو ياغوث چوي يا خواجه مُعينُ الدّين چوي يا داتا گنج بخش چوي سڀ جائز آهي. هاڻي سائنسدانن ڪي ڏسو ڪيتري ترقي ڪئي آهي جو سڄي دُنيا ۾ اهڙا آلا (شيون) ايجاد ڪيا آهن جو جتي چاهيو ڳالهه ڪري وٺو، جتي چاهيو جيڪو مرضي ڏسي وٺو ته جڏهن اهو نظام ايترو مضبوط ٿي سگهي ٿو ته هزارين ڪلوميٽر ڪان آواز ٻڌي به سگهجي ٿو ۽ ٻين کي پنهنجو آواز پهچائي به سگهجي ٿو ته ڇا روحاني ڪنڪشن جي ذريعي الله پاڪ جا ولي، تمام اوليائن جا سردار پنهنجن مريدن جي آواز کي نٿا ٻڌي سگهن؟ ياد رکو! سائنسي ڪنڪشن کي رُوحاني ڪنڪشن سان ڪو برابري نه آهي، رُوحاني ڪنڪشن گهڻو مضبوط (Strong) ۽ پاور فُل آهي، تمام سائنسي آلات غوثِ پاڪ جي قدمن جي خاڪ جي برابر به نٿا ٿي سگهن ته انهن کان وڌيڪ ڪيئن ٿا ٿي سگهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي جيڪو ڪجهه مليو غوثِ پاڪ جي صدقي ۾ مليو ، هي دعوتِ اسلامي انهن جي غلامن، انهن جي نالو وٺڻ وارن ۽ يا غوث چوڻ وارن جو تمام وڏو قافلو آهي.

میں جہنّم میں نہ اب جاؤں گا اِنْ شَآءَ الله
رہنما تم کو جو میں نے ہے بنایا یاغوث

## مجلس مزاراتِ اولياء

منا منا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنتن جي خوشبو ڦهلائڻ، ماڻهن جي دلين ۾اولياءِ ڪرام جي محبت جون روشنيون عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. سڄي دنيا ۾ مدني ڪم کي منظم ڪرڻ جي لاءِ تقريبًا 104 شعبا قائم آهن، انهن مان هڪ

شعبو ”مجلس مزاراتِ اولياء“ بہ آهي، هن مجلس جي ذمي دارن ۾ين مدني ڪمن سان گڏوگڏ بزرگانِ دين جي مبارڪ مزارن تي حاضر ٿي ڪري مختلف ديني خدمتون سر انجام ڏيندا آهن. مثال طور حتي المقدور صاحبِ مزار جي عرس جي موقعي تي اجتماعِ ذڪر و نعت جو انعقاد، مزارات سان ملحق (ويجهو) مسجدن ۾ عاشقانِ رسول جي مدني قافلن جو سفر ڪرائڻ ۽ بالخصوص عُرس جي ڏينهن ۾ مزار شريف جي احاطي ۾ سنتن ڀريو مدني حلقو لڳائڻ، جن ۾ وضو، غسل، تيمم، نماز ۽ ايصالِ ثواب جو طريقو، مزارات تي حاضري جا آداب ۽ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتون سيکاريون ويندريون آهن پڻ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماعن ۽ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت، مدني قافلن ۾ سفر ۽ مدني انعامات تي عمل جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي، عرس جي ڏينهن ۾ صاحبِ مزار جي خدمت ۾ تمام گهڻو ايصالِ ثواب جا تحفا پيش ڪرڻ پڻ صاحبِ مزار بزرگ جي سجاده نشين، خلفا ۽ مزارات جي متولي صاحبان سان وقتًا فوقتًا ملاقات ڪري انهن کي دعوتِ اسلامي جي خدمات، جامعات المدينہ ۽ مدارسُ المدينہ ۽ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ ٿيڻ واري مدني ڪمن کان آگاهہ ڪرڻ وغيره. الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي کي ڏينهن رات ترقي عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان اوليائن جي سردار حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي باري ۾ ٻڌو تہ

- اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي الله پاڪ وڏو شان عطا ڪيو هو.
- اسان جا غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه الله پاڪ جي عطا سان حاجت ٻڌڻ وارا آهن.

❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه مشڪل وقت ۾ پنهنجن مُريدن جي مدد فرمائيندا هئا.

❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انسانن ۽ جنّات جا بہ سردار آهن.

❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دعا سان عذابِ قبر ٽري ويندو هو.

❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي المدد يا غوثِ اعظم يا شيخ عبدالقادر جيلاني چئي پڪارڻ جائز آهي.

❖ اسان جا اسلاف بہ مشڪل وقت ۾ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن کان مدد گهرندا هئا.

ربّ ڪريم کان دُعا آهي تہ اسان کي شيطاني خيالات کان بچائيندي اولياءِ ڪرام سان محبت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ انهن جي برڪتن کان فيض ياب ڪري. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

سینہ تری سنت کا مدینہ بنے آقا جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪرم يارسولَ اللّٰه“ جي 13 اکرن جي نسبت سان
## پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل

**ٻه فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نه پيو، بلڪ ٻه يا ٽي پيرا (ساهه کڻي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوندا ڪريو. (سنن ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) ❁ نبيِّ اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٿانوءَ ۾ ساهه کڻڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي. (سنن ابي داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728) مُفَسّر شَهير، حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ٿانوءَ ۾ ساهه کڻڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهه ڪڏهن زهريلو پڻ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوءَ مان وات پري ڪري ساهه کڻو (يعني ساهه کڻڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهه کي ڦوڪن سان ٿڌو نه ڪيو بلڪ ڪجهه دير صبر ڪري ڪجهه ٿڌي ٿيڻ تي پيئو. (مراٰة ج 6 ص 77) البت دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ❁ پيئڻ کان پهرين بِسْمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ ڪوئنري وغيره مان وضو ڪيوهجي ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي جو اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه بيو ڪو به پاڻي بيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي. (فتاويٰ رضويه ج 4 ص 575، ج 21 ص 669) اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره نه ناهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلْحَمْدُلله چئو ❁ حُجَّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: بِسْمِ

www.dawateislami.net

الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلله بي ڪان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْن ۽ ٽين ڪان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْنِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي. (احياءُالعلوم ج 2 ص 8) ۞ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نہ کپي ۞ منقول آهي: سُؤرُ الْمُؤمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. (الفتاويٰ الفقيهة الڪبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، ڪشف الخفاء ج 1 ص 384) ۞ پيئڻ جي ڪجھ گهڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا تہ ان جي پاسن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي بہ پي ڇڏيو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۾ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں۽آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(1)

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(2)

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب في ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305